سنمت مالا

۱۰۸۷ - ۱۰۸۸

مارچ ، ۱۹۸

سري سکمني صاحب جو سٽيڪو

[۲]

واسواڻي

وشيہ سوُچي

سهريٽ

ڀائي هٿمداس

جي ڪمل چرڻن ۾!

ٻه اکر

سکمڻ مالا جو ٽئون انڪ " سري سکمڻي صاحب جو سنيهو : [٢] " هيٺئين پرڪاش ٿي ٿو.

سکمڻ مالا جي هن نمبر ۾ اساري دادا جا ٻورا وڏاڪ اُپديش سري سکمڻي صاحب جي وچن لـــي ڏنا ويندا. وڏاڪ ٻيا اُپديش اپندڙ نمبرن ۾ ڏنا ويندا.

اسارو دادا اڪ هنڌ چوندو :- " سري سکمڻي صاحب ۾ سڌن جو آواز آهه ! ۽ مان سمجهان ٿو ته هن ٢٠ صديءَ ۾ جو به سچي وديا وٺڻ چاهي ان کي ڪي نه رهين، سڌن، درويشن ۽ فقيرن جـــي سکيا ضرور سمجهي. ان سکيا جو زور هنن ڳالهين تي آهي ته (١) اپاوءِ لئه پيار وڪوڙ (٢) اُن پيار ۾ ٽهڪجو آهو وڃائو ۽ (٣) پالڪي وساري دکين جي سيوا ڪرائو.

شري سکمڻي هڪ پڪتي شاستر آهي، مرڪئي سکيا جي ساکي ڏني ٿو." اسارو دادا وڏاڪ چوندو :-

آهه: جئن رشي چوي ٿو:- 'جڳ سارو ٻڌو جو وسترو آهه.'

ٻوڌي اندر منهنجو پريتم پيارو،
منهنجو ساڄن سائين، نيڻن ٺارو؛
جئن تِر ۾ تيل، چقمق ۾ آڳ،
تئن اندر سائين تنهنجو ۾ جاڳ!
وچ اندر، پريتم سان تون رِل مِل ٿي،
روشن مُکڙو پسي امرت پي!
وچ اندر، رڳ رڳ وڄي رباب،
پَسي پريتم نُوري، نيڻ وهائين آب!

هل پياري دادا جو آواز اسين ٻه ٻڌون. سري سکمڻي جو سنيهو اسين ٻه اندر انجو ڌيان ڪريون، پنهنجو مانڪ جنم سڦل ڪريون!

پُونا - ١
١ - ٣ - ٨٥ آلما واسواڻي

”هي جهڙو آهي هڪ ٻڪي. هت وشرام ۾ ڪونهي؛
ڀڄو ٻولي! وري ٻيو ٻولي پنهنجو ڌام! ٻيو
ٻولي، ٿان جو ٻرپوڻ کي ٻالي ۽ هن مٽيءَ جي ڪايا
کي مٽائي، هڪ ٻرپوڻ ۾ لولين ٿئي. ٻيان، ٻگتي
آهي لولين ٿيڻ. جو ٻرپوڻ کي، ٻرم ٻوش کي، ساڄن
سالڪن کي ٻرام ۾ ٻالي ٿو، سو سڀاڳو! اُو آنند
وَسُ ٻيٺي ٿو، ٻرڊو هٽائي، ٻراڻ ٻتيءَ کي ملي ٿو
۽ سنڌس جيون ۾ امر جوتي اچي ٿي چمڪي!

سُهان ٿا سُپن ۾ ڏسان،
جاڳان ٿا من مندر ۾ ڀسان؛
هڪ ٻرتم، ٿين ٿين لهاريان؛
”پِيا“ ”پِيا“ ڪري پُڪاريان!
گَرجي ٻادُل گهر گهنگهور
دل پِڇي ٻاڪل مڇ اکير!
ڳَگن ۾ اجلي، اجلي ٻرسي؛
ٽوڙي لهاري، موهن مشڪي!

”جڳ ۾، مٽاڄڙيءَ نظر سان، اشانتي، ويڙ ورود،
لڪار ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ٻر جن هن ٻاهرين روپ کي
ٽوڙي، اندر ٻرواش ڪيو آهي، انهن لاءِ هي سنسار
۾ ”سک ساگر“ آهي: هي جڳت ٻرڀوءَ جو روپ ولاس

هــيءَ دنيــا اُتو انــل دنيا، جــو نه هن
جي اندر اُتو ٻاهيون. جت وڃو اُت ٻاهيون آهن.
ڻو، توهين چئو ٿا:- "بنگلا". ٻر بنگلن انـدر
يڏيون نه ٻاهيون ٻيون ٻرن، - وڪارن جون ٻاهيون.
لي جو مالڪ شاهوڪار، ٻاٻن ۾ ڪريل، وڪارن
چايل آهي. هي وڏا گهر، بنگلا، ماڙيون، حويليون،
ڪ اِڪ ۾ اُتو ٻاهيون. ٻزارن ۾ جت واپار ٿيو وڃي،
ت لوڪ ڪٿرو نه ڏن ڪنو ڪنٿا، لڪ ميڙن ٿا،
ن ٻزارن ۾ به اُتو ٻاهيون. سڪولن ۾ ٻاهيون،
اليجن ۾ ٻاهيون، ميٽنگن ۾ ٻاهيون. ڪيڏا نه وڪار
هن جي اندر آهن. لوڪ ڪير آهن؟ لوڪ اُتــو
ڙيون، ڳوڙا وڪارن جا. هڪ هڪ اُسان مان جي
ڏهن وڃي ٻهڻجي اندر جهاتي پائي، کوجنا ڪري
مان کهڙيءَ حالت ۾ آهيان ته ڪيس معلوم ٿيندو
اندر ڪيترا نه وڪار آهن! اندر لڳن پيا طوفان:
ل سائين ڪري ٻهڻجو اُحسان!
اِڪ اِڪ جي اندر لوڀ جون ٻاهيون، ڪام جون
هيون، موه جون ٻاهيون، ڪروڌ جون ٻاهيون
ٻيون ٻرن. ٻر سڀن کان وڏيڪ اُهمان جون ٻاهيون
سانجي اندر ٻيون ٻرن.

"لهنت ماهه لانب ورتائي."

گروجن چونٿا:- "هدن ٻاهين جي وچ ۾ مونٽي

[١٠]

عشق جي مڪتب ۾

توت ماهه ٿاڻي ورتائي،
آنند پيا ڏک ٿالي پاڻي.

[آهنبدي ١٨ : ٻوڙي ٧]

تلسي ٻاهه، گرم هيءَ ماهه = وچڙ، سنسار ڇوهه ٻاهه جي وچ-سنسار ۾ ٻاهه آهي. ٻاهيون، ٻاهيون، ٻاهيون!

جڏهن گوتم ٻڌ ٻيغام ڪٽي وچين لوڪن جي وچ ۾ آتمڪ نياڻو پهچائي ٿو، تڏهن کهڙي ڳالهه ڪري ٿو؟ هي ٻاٻوءَ جو ٻارو وڏي ٻهتڄي آهڙيش ۾، ٻهتڄي ڳالهه ٻولهه ۾، ٻکن هشن کي ڇا ٿو چوي؟ ڳوتامن کي ڇا ٿو چوي هي ٻاٻوءَ جو ٻارو؟ "ٻارا! اکيون کولي ڏسو! گهر گهر ۾ ٻاهيون، دڪان دڪان ۾ ٻاهيون، ٻزارن ۾ ٻاهيون وستن تي ٻاهيون، ٻوي آٻوي ٻاهيون ٻاهيون ٻون. ٻاهين جي وچ ۾ آهيون."

اهو ڏينهن سڀاڳو جنهن ڏينهن دل جي اندر پرڀوءَ
پيار ڪليو! ان پيار واسطي اهو اکر آهي، جو گهڻا
سمجهن ٿا، ڇو ته بدنام ٿي ويو آهي. اهو اکر آهي
عشق". جڏهن صوفي فقير اهو اکر ڪم ۾ آڻين ٿا،
ڏهن سمجهيا ڏين ٿا ته سائينءَ لاءِ پيار رک. "عشق"
هي "پرڀوءَ لاءِ محبت."

اِڪ پياري ڀاءُ مونکي ڀمبئي مان خط لکيو، چيائين
"ستسنگ ۾ اهو اکر عشق ڪم نه آڻيو." اهو فقيرن
درويشن جو اکر، اهو جوڳين سامين جو سندر شبد اسين
ڇو نه ڪم ۾ آڻيون. پر شل ان اکر جي اندروني معنيٰ
سمجهون.

اهو هڪ ويچار شل اسانجي دل اندر روشن رهي
"پرڀوءَ لاءِ پيار." عشق جي سڪول ۾ وڃي اسين
سبق سکون ٿا. اها ٽين منزل ڏاڍي اُتم منزل آهي.
اِڪ درويش اُنکي چوڻو :- "عشق جو مڪتب." عشق
جي مڪتب ۾ وڃي پيارا! تون پنهنجو روح کول. ان
درويش جو نالو مونکي خبر ناهي، توهان پڌو آهي يا نه؟
ڙ الجا گيت اسانجي ستسنگ ۾ ڪڏهن ڳايا ويندا
آهن. ان فقير جو نالو دريا خان. دريا خان هڪ گيت ۾
چوڻو هنطرح. اهو گيت مون وري پڙهيو آهي :-

مهر ٿي . گرڏاوو ڪٽي ڪريا . " ٿانڀي وڌائي . " " ٿانڀي "
معنيٰ " سيتلتا " . مونکي سيتلتا جي بخشش گرڏاوو
ڏني . هن سنسار جي باهين جي وچ ۾ منهنجي ٺاڪر ،
منهنجي ستگرو سائينءَ سيتلتا جو دان مونکي ڏنو نه
ته جيڪر مان جلي وڃان ، سڙي وڃان . ستسنگ مليو ،
سنتن جو سنگ ۾ مليو : اُس

وهاريو تو مونکي ، وهاري ٺهاريو تو مونکي . ٺهاري
ٻوءِ ، منهنجا ٺاڪر ! ڇس شانتيءَ جو دان تو مونکي ڏنو !
اها ٻيو سيتلتا ، اها شانت آڇي ٿي منهنجي وقت
ٿي . ان لاءِ ڪي ساڌن ڪهن :-

(١) ڏوري پياس دل جي اندر ٻرڻ واسطي .

(٢) پاپن جو پڇتاءُ . ياد ڪري ڪري گوڙها ڳاڙيو
ته اَسان ڇا ڪيو ؟ جيڪڏهن سچي پڇتاءَ جو اک
گوڙهو اوهان ڳاڙيو ته سائينءَ در اهو قبول .

(٣) پوءِ دل جي اندر ٻرپوءَ لاءِ پيار ، سچي محبت
اٿي ٿي ڇو ته اَسين سمجهون ٿا ته سنسار پنهان اسان
ٻوڙون پاتيون : الا ! ٻو مليو ته ڪيچ ڪين . پڪياسين ،
پاپن ۾ اَچي اَنڪياسين ، ٻو ڇا مليو ؟ اُنوقت دل
پڪاري ٿي :- " پريو ! هل دل جو پيار رهجي اَچي
توسان . " جڏهن انسان پڪي اَچي ٿو سائينءَ
جي در ٿي ، ته پڪاري ٿو :- " پريو ! منهنجي پگهيءَ
۾ رکه مونکي : هردي جي اندر پريم ڪول ! "

ڪندا. امتحان پاس ڪري وڏيون نوڪريون ڪمائين ٿا.
پر ڇا ٿيو؟ اهي عشق چاڙهيءَ ڪين چڙهيا.
جي معمولي وديا وٺن سي مغرور: ڪنهن جي پڙن
ڪين. انهن کي حسد، انهن کي ساڙ. انهن کي پيار
ڪوڙهي ۽ انهن جي سزا پاڻ سان کڻن ٿا. وڃن ٿا
سڙندا. ڪنهن جي مڃن ڪين. پر جي انهن لئي نه
مرشد پنهنجي مهر ڪري، ٻاجهه ڪري ڪين اکر الف
جو پڙهائي نه آهي ته، بعد ڪري سڀ پوٿيون پڙهيا،
ياد ڪن هڪ يار کي.

"جنڪي عشق کان آزاد ٿيا،
ور دو ودائفو ٿا پڙهن،
منهن پڪي ماڻهن کان،
دعوئن ڏکا ڏوڙن؛
نقطو پڙهيو جن نينهن جو،
ڪن ٽال تسبيح جا ٽڪ،"

اهي جن معمولي وديا ورتي آهي، سي چوندا
ته "عشق، پرلوڪ لاءِ پيار، اسانکي نه کپي." اهي
ماڻهن کان پاڻ لڪائين ٿا. رشوتون وٺن، ڪندا ڪم
ڪن. ماڻهن کان لڪائي، ڪنهن نه ڪنهن بهاني
وجهي ٿا لوڪن کي ڦرن. جنکي سچو پيار، سچو
عشق آهي، درد آهي دل جي اندر، سي ماڻهن کي

"عشق جي مڪتب ۾ واهي،
ڪر درد جو دل ۾ درڪ."

پريوءَ جو پيار، اُن جي نشاني ڪهڙي؟ پيدي لاءِ پيار اُنجي نشاني ڪهڙي؟ جڏهن دنيوي پيار ٿئي ٿو، اُنجي نشاني خوشي: پر پريوءَ لاءِ پيار جنهن کي آهي اُنجي دل ۾ اُٿو درد. ۽ فقيرن جي سنگ ۾ واهي اهو پيارو سکي ٿو ته مرد سو جنهن کي دل ۾ درد آهي. درڪ = ڏور ڪر. دل ۾ واهي پيارالون درد جي سبق جو ورِي ورِي ڏور ڪر.

"ڪوڙين ڪتابن جون پڙهين،
هِن هُن ۾ آهي وڏو فرق."

جنهن وديا مان پڙهيو ملي ٿو، پوڄا ڪرڻ ٿو، پاڻ کي پاپ ۾ ڪيرائين ٿو، هن دنيا، سنساري وديا ۽ هن وديا، ۽ آتمڪ وديا ۾ وڏو فرق آهي. فرق هيءُ ته جو روحاني وديا وٺي ٿو، اُنجي دل اندر اُٿي ٿو درد:- "سائين! اجا گهڻو وقت مون کي رکندين پاڻ کان پري؟"

"اکرن ۾ جيڪي اڙيا، سي عشق چاڙهيءَ نه چڙهيا،
ڪنهن جي مڃن نه ڪيڏڪي، آهن وڏا ساڙي سڙيا،
لکي حرف هاديءَ ڏنو، وڙهي چڙيالون سب ورق."

سنساري وديا ۾ اکر پڙهن ٿا، وڏا امتحان پاس

[١١]

پورن پرک

جن چاکيا، سي جن لوڀتاني،
پورن پرک، تهين ڏولاني.

[اشٽپدي ٢٠ : پوڙي ٢]

هڪ هڪ ستسنگيءَ جو آدرش ڇا آهي؟ اسان مان هڪ هڪ جو آدرش ڇا ٿيڻ کپي؟ اسان مان هڪ هڪ "پورن پرک" ٿيڻ ٿو چاهي؟ جي اسين سڀ ستسنگي آهيون ته پورن پرک (The perfect men) ٿيون. شري ايشا چيو ته:-

" Be ye perfect, as your Father in Heaven is perfect."

جئن پرڀو آهي پورن، تئن اسان مان هڪ هڪ شل پورن ٿئي. صوفين جو اکر آهي "ڪامل انسان". شل هڪ هڪ ڪامل انسان ٿئي!

خوش ڪرڻ لاءِ مالها ڪين ڦيرين .

” جيڪي خدا فرمايو، رونڳي تنهين لي نا رهن،
رُسوا ٿئي رَواج جا، ڪوڙا مصلا ٽا پڙهن،
سي ٿيا طمع جا طالبو، آهي غرض پنهنجيءَ ۾ غرق.“

جن کي اکين جي وديا آهي، جنکي وڪاڙن جو روڳ لڳل آهي، اهي طمع جا طالبو آهن، اهي پنهنجي غرض ۾ غرق آهن. سائينءَ کي نٿا مڃين. اهي رواجن رسمن اڳيان سر جهڪائين ٿا، ۽ سچي وديا نٿا پڙهن.

” دريا خان دفتر درد جا، جن هي پڙهيا سي مست ٿيا،
ڪياءون سخن پنهنجا سچا، جيڪي هئا الست جا.
فاني ٿيا في الله ۾، سوڌيو آهي پڙهن سبق.“

جي درد جا دفتر پڙهن سي مستيءَ ۾ چڙهي وڃن، هڪ هڪ اوهان مان هتي، هن سنسار ۾ آيو، تنهن کان اڳي پرڀوءَ سان سخن ڪري آيو. ۽ سچا عاشق اهو پنهنجو سخن پاڙين ٿا، هڪ سبق ياد ڪن ٿا ته
” فنا ٿيون، نابود ٿيون، سائينءَ ۾ گم ٿي وڃون!“
” فنا ٿيا في الله ۾، سوڌيو آهي پڙهن سبق.“

(٢) ٻيو روپ مايا جو آهي ڌن دولت. ڪيترا
آهن جي ٻوڙهه کان ٻري رهن ، ٻر ڪيترن ٻيسو ڪري .
هي ۽ مان شان ۾ ڀٽڪن ٿا .

(٣) ٽيون روپ مايا جو آهي ” مان شان “. ڪيترا
هن جنکي اندر ۾ ٻوڙهه لهه ٻياس ڪانهي : آهي ٻيسي
اسطي ۽ ٻياس ڪين رکن . پر انهن کي ٻياس آهي
ان شان واسطي . آهي چون :- ” ٻل ٻيٽو خرچ
ڪرٻون ٻر لوڪن جي واه واه ملي : “ لوڪ چون :-
” ڪهڙو نه وڏو ماڻهو ! “ اها شيوا سڄي ڪانهي ،
جنهن ۾ ٻياس آهي مان شان واسطي .

گروجن چونتا :- ” جو ٻوڙن ٻرکه آهي ، سو ٻالڪي
ايا چار ۾ نٿو ڦاسائي ، نٿو ڀٽڪائي . انهن مايا جي
ن روپن ٻنيان نٿو ٻاڻ ٻٽوڙي ، ٻر نام جکي ٿو ، نام
آنند ٻائي ٿو ۽ نام ۾ ترپت رهي ٿو .

اُن جي نشاني ڪهڙي؟ اُن جي هڪ نشاني هيءَ
ته "نهين ڏولاني." نهين = نه، ڏولاني = ٻڏڪي.
ٻڏڪن سي، جي مايا چڪر ۾ آهن. پورڻ پُرک سو
جو مايا چڪر کان مٿي ويو آهي. پورڻ پُرک ڏاڍا
آزمودا ورتا آهن. دک درد، ڪشٽ پاتا اٿس، ڏاڍو
سٺو اٿس. هن مايا چڪر ۾ ڦريو آهي وري وري.
وري وري ڳوڙها ڳاڙيا اٿس، پرارٿنائون ڪيون اٿس،
سٽ سنگن ۾ آيو آهي. وري وري اڪ جي تلاش ۾
دل جي اندر پياس پائي گهمندو آهي. گهاٽ ۾ ويچارو
ٻُڏيو آهي. نيٺ رتي لال ٿيو آهي، پورڻ پُرک
ٿيو آهي.

The perfect man,- he has wandered much, he has wandered long. he has wandered far and wide.

۽ اڪ ڏينهن هي سڀاڳو پورڻ پُرک ٿئي ٿو. اُن
ڏينهن کان وٺي مايا چڪر ۾ نٿو ٻڏڪي.

مايا ڇا آهي؟ ٽن قسمن جي مايا آهي:- (١)
ڀوراون روپ مايا جو آهي "پوڄ". پوڄ لڪ ڏسو
ته ڪيترا نه ويچارا پيا ٻڏڪن! هي شراب جو پوڄ ڇا
آهي؟ ڪجهه ڪين. اڪ پاڇو. هن شراب جي پوڄ
واسطي لوڪ پاڳلي ڪندو نه پتوڙن ٿا! ڪاڏي ۾
ڪيڏا نه خرچ ڪن ٿا!

جو تون، پاپين جو تون، اناٿن جو تون. هي ٻاٻا!
تنهنجي شرڻ ۾ مان آيو آهيان.

” نانڪ کي پرڀ ساٿ ۾ “ شرڻ تنهنجي مان آهيان تنهنڪري تون منهنجو سائي. تنهنجا ڪمل چرن مون پڪڙيا آهن، تنهنڪري تڪليفن ۾ تون، مشڪلاتن ۾ تون، واسر ۾ تون، ساري وهنوار ۾ تون، ڪشٽ دک ۾ تون منهنجا ناٿ! مون شرڻ تنهنجي ورتي آهي تنهن ڪري مونکي خبر آهي ته تون مونسان آهين هميشه هميشه!

گهڻو نه مٿو وچن! شرن ورتي آتم تنهنجي، تنهن ڪري تون منهنجو سائي آهين. هن هڪ وچن لي، مان سمجهندو آهيان، هڪ سچو پستڪ لکي سگهجي. The Eternal companion of my life. جنم جنم ۾ منهنجو سائي تون. سنسار وساري، تون نه وسارين. دوست متر هليا وڃن، تون هلي ڪين وڃين. تڪليفون اچن، مشڪلاتون اچن، تن سڀني ۾، منهنجا سائين! اڪ منهنجو سائي تون. تون پڪارين، تون چوين :- ” دلگير متان ٿيو. مان توهان سان آهيان. تنهنجا گهر وارا توکي ڇڏي ڏين، تنهنجا متر مالڪ ڇڏي ڏين، پر مان توسان آهيان. مان تنهنجو سائي، چو ته تو منهنجي شرڻ ورتي آهي. تنهنڪري تنهنجون

[١٢]

ساٿي

ڏين درد ڏک ڀڃنا، گھٽ گھٽ ناٿ اَناٿ،
شرڻ تمهاري آئيو، نانڪ کي پرڀ ساٿ.

[اشٽپدي ٢ : شلوڪ]

"ڏک ڀڃنا: "پرڀو! تنهنجو ڀيو نالو آهي "ڏک ڀڃنا".
"ڏين درد ڏک ڀڃنا": جيڪي ٿو وٽ ڏين، غريب، نماڻا ٿي اچن ٿا، تن جا ڏک، درد تون ڀڃين ٿو.

"گھٽ گھٽ ناٿ اَناٿ: "گھٽ گھٽ ۾، دل دل ۾، ٺاڪر! تون رهين ٿو. پري آهي ڪين، پر پرانن کان به نزديڪ تون. دل دل جي اندر منهنجا دوست دلدار! تنهنجو ڏيرو آهه!

"ناٿ اَناٿ": اَناٿن جو ناٿ تون آهين. اَناٿ آهن اَڪيلا. لوڪ وساريل اَناٿن کي، ڇڏين کي. سائين! تن اَناٿن جو ناٿ تون، تن جو رکپال تون!

"شرڻ تمهاري آئيو: "ڏينن جو تون، مسڪينن

ڪان ٻوءِ ھي سردار وڃي ٿو جاچ ڪرڻ تہ ڏسان تہ
ھي ٻاوَني ٻوري طرح ڪري ٿو يا نہ.

جاچ ڪرڻ وڃي ٿو. اُن رات ڏسي ٿو تہ ھڪ
نوجوان سمهيو پيو آهي. بندوق سندس هٿن ۾ آهي.
وچاري کي ننڊ ۾ جهوٽو اچي ويو آهي.

ھي سردار چوڻ لڳو :- "مان سردار آهيان ۽ هن
پياري نوجوان منهنجي هرڻ وڙلي آهي. مان هن جو
سائي ليان."

سو آهستي آهستي هن نوجوان جي هٿن مان
بندوق ڪڍائي، پنهنجي هٿن ۾ کڻي ٿو. نوجوان
سمهيو ئي پيو آهي. پيارا! تون پل ننڊ ڪر. مان
تنهنجو مهندار، سردار! تنهنجو ڪم مان ڪريان ٿو. ايا
بندوق کڻي سردار پاڻ پهرو ڏئي ٿو. پيو پڪاري :-
"خبردار! خبردار!" معمولي پهريدار وانگر هي
سردار پهرو ڏئي ٿو.

سوڀل صبوح جو هي نوجوان ننڊ مان اٿي ٿو.
مار! ڇا ٿو ڏسي؟ "اڙي! منهنجو سردار پاڻ وٺو
پهرو ڏئي! هيئنر منهنجي حالت تہ الائي ڪهڙي ٿيندي؟
مولڪي جهوٽو اچي ويو ۽ سردار اچي مولڪي پڪڙيو."
ڏپ ۾ ڏکي ٿو.

سردار هن نوجوان کي چوڻ لڳو :- "پيارا! تون

ٽيليفون منهنجون آهن. تو شرط ورتي آهي منهنجي، تنهنڪري مان هميشه تنهنجو خدمتگار آ."

سائين سائي آئو: ٻه شرط وٺو. شرط وٺو ٻوءِ هو آهي ٽڪليفن وچ آوهانجي مدد ڪندو!

هڪ ڳالهه ڏاڍي مٺي آهي، هڪ وڏو بهادر بابت. وڏي شهر جو سردار هو. وقت به وقت ويندو هو جانچ ڪرڻ ته منهنجا سپاهي، لشڪر جا سولجر رات جو پوريءَ طرح ڊيوٽي ڪندا يا نه. ضروري آهي اهڙي جانچ ڪرڻ ته جيڪي watchmen آهن، جن جو فرض آهي سنڀال ڪرڻ رات جو، سي سمهي نه ڪين ٿا پون. هڪ هنڌ ڪئمپ لڳايو الن ۽ ان اندڙي ڪئمپ ۾ اها ڊيوٽي هڪ نوجوان تي آهي.

سردار چيو:- "پيارا! تون روز رات جو ڪم پوريءَ طرح ڪج."

هي نوجوان چوي ٿو:- "ها سائين!"

پهرو آهي، اها ڪم ۾ نول آهي. سردار هن کي بندوق ڏني ٿو ۽ چواس ٿو:- "ڪو دشمن اچي ته ان سان مقابلو ڪج، ڀڄي نه وڃج."

هي نوجوان چوڻو:- "سائين! جئن توهان جو حڪم!"

هيئنر پهنجي ڊيوٽيءَ تي چڙهي ٿو. ٿورن ڏينهن

[١٣]

آزادي

من ٻڌي، سٽگور کي پاس،
تس سيوڪ کي، ڪارج راس.
[اشٽپدي ١٨ : پؤڙي ٢]

سيوڪ، گر سيوڪ ڪير آهي؟ ۽ گر سيوڪ جا ڪم ڪئن سڦل ٿين ٿا؟ هڪ شرط :-

" من ٻڌي، سٽگور کي پاس."

سچو سيوڪ پنهنجو من گروءَ جي چرنن ۾ وڪڻي ٿو. هي اکر پڙهي ڪيترا پڙهيل پنڊت پاڻ شايد عجب ۾ پون! گروجن جا ٿا چون؟ پاڻکي وڪڻو گروءَ جي در تي!

ڪي پڙهيل سوال پڇندا ۽ پڇڻ جو ڪين حق آهي:- "سو وري ڪئن ٿيندو؟ اسين رهون ٿا ان زماني ۾ جنهن جو مکيه آواز آهي آزادي. ۽ گروجن چون ٿا ته

ڍپ نہ ڪر. تنهنجو سردار مان، تنهنڪري تنهنجو ساٿي مان. تو شرط ورتي آهي، تنهنڪري مشڪلات ۾ مان تنهنجو ساٿي آهيان.

آسانجو ناکر، اسانجو ٻيلي، آسانجي جيون جو مهندار، ٻيڙو ٻہ لائين ڪري ٿو. زندگيءَ جي جنگ ميدان ۾ مشڪلاتون اچن ٿيون. ٻر شرط وٺو! مشڪلاتن ۾ سردار آسانجو اچي ٿيندو مددگار، آسان جو ڪم ٺاهہ ڪندو، پار لنگهائيندو، پار لنگهائيندو!

ڪلهه رات مون کهڙيءَ سنت جو ڏُور ڪيو ؟ ڪنهن جي سنت ؟ هڪ صوفي فقير جي ، جنهن جو نالو نانڪ يوسف .

نانڪ يوسف شش ٿيو سچل جو . سچل سائينءَ کي پيار هو گرو نانڪ واسطي : سچل کي پيار هو ڪيترن هندو سنتن واسطي. ۽ هن پنهنجي پياري شش جو نالو بدلايو . هن شش جو نالو هو شمس الدين . اهو نالو هن مٽايو ۽ سچل سائينءَ پنهنجي شش کي چيو :- " پيارا ! لوڪ هيئنر مان ڪوٺيندس نانڪ يوسف ." نانڪ پياري جو نالو هن پياري پنهنجي شش کي ڏنو . نانڪ يوسف جي ٿوري باڻي آهي ، پر اُن ۾ عجيب خزانو آهي . اُن باڻيءَ جي هڪ سٽ مان وري ڏُور ڪيم :-

" نانڪ يُوسف بالڪا سچل دا ،
بانهان بندي ٿيو غلام ."

نانڪ يوسف چوي ٿو :- " مان ٻار آهيان ، بالڪ آهيان . ڪنهن جو ؟" چوي ٿو :- " مان گروءَ جو ٻار آهيان . مان پنهنجي پيتم جو بالڪ آهيان ."

" نانڪ يوسف بالڪا سچل دا ،
بانهان بندي ٿيو غلام ."

شڪارپور باسي چون :- " بانهان ؛" اسين چئون

ستگر جي در تي پاڻ کي وڪڻو!"

پيارا! پيو ڪو رستو آهي ئي ڪونه، ڇو ته من اهڙو چنچل، اهڙو بي ايمان، اهڙو دغاباز آهي. من ٺڳ، من چور، من ڪوڙا بهانا ڪري ڪيرائي پاپ ۾. ان من کان ڪيئن ڇٽون؟

گروجن چونئا:- "ان من کي اڇي وڪڻو گروءَ جي در تي. جوابداري پوءِ گروءَ تي."

"من ڀيٽيءَ، ستگور ڪي پاس،
تس شيوڪ ڪي، ڪارج راس."

آزاد ٿيندا جڏهن هن من کان ڇٽندا. سچي آزادي ايندي جڏهن هي من وڃي وڪڻندا گروءَ جي چرنن ۾.

اَڪثر هڪ رات مان ڪانءَ ڪا ٽڪ، ڪنهن نه ڪنهن ستپرش جي باڻيءَ مان ڪڍي، دل جي اندر رکي، پوءِ ننڊ ڪندو آهيان. هڪ رات مون اڪ ست وچن نور ورتي. اها هڪ ست پاڻ سان ڪڍي وڃان: ۾ پوءِ جڏهن جاڳان،- اَڪثر ڪيترا دفعا مان جاڳندو آهيان،- تڏهن ورِي ورِي موٽي اها ٽڪ ياد اَچي. ڇو ته رات جو ان ٽڪ جو پيو ڏور ڪريان. ڪڏهن ڪنهن شاعر جي باڻيءَ مان، ڪڏهن ڪنهن رشيءَ جي باڻيءَ مان، ڪڏهن ڪنهن سنت جي اکرن مان ڪا ست ڪڍي دل جي اندر رکان ۽ پيو ڏور ڪريان.

[١٤]

"يه گهڙي يه هي ويلا"

جاڳيو مَن گُر کي ڀاليس،
تس جن آوه هَو ڀاڳ ڇيس.

[اشٽپدي ١٥ : پوڙي ٨]

گوباڻي پاٺ ڪرڻ: پر اهو ڪافي ڪونهي.
ٻڌڻ ضروري آهي ته اکرن جي معنيٰ سمجهو. گروجن
چيا ٿا چون؟ جنهن جي من ۾ گروءَ لاءِ شرڌا آهي، اهو
سڀاڳو. پر اکر فقط پڙهڻ ته ڇا ٿيو؟ اکر ته پوريءَ
طرح پڙهو ۽ پوريءَ طرح سمجهو! الله دل جي اندر
گروءَ لاءِ شرڌا رکو! جنهن کي گروءَ ۾ صدق آهي،
گروءَ ۾ شرڌا آهي، انکي ڇا ٿو ملي؟ ڇا نٿو ملي؟

"تس جن آوه هو ڀاڳ ڇيس.''

"ڇيس" معنيٰ "يادگيري." اُن کي پراوءَ
جي يادگيري اچي ٿي.

"پانهون". مان سمجهان ٿو ته شڪ اگر پانهون آهي جو ته اِهو اگر سنسڪرت مان نڪري ٿو "پاهو." شري ڪرشن اَرجن کي ڪوٺي ٿو "مهاپاهو،" "مضبوط پانهن وارو." پرڪارپور پاسي چون "پانهان."

ڏاڪٽر يوسف چوي ٿو:- "مون پانهون پڌيون آهن. جو ؟ مان پنهنجي گروءَ جي در تي غلام آهيان. مان پاڻ کي گروءَ جي در تي وڪيو آهي. پنهنجي پياري جو پالڪ، تنهن ڪري اَن جي در جو غلام."

سنتن، رشين جو پيغام آهي ته "ڪوڙي آزادي ڇڏيو." من کي ڪهڙي حرڪت، من کي ڪهڙو پوڄ، من کي ڪهڙو پاپ، من کي ڪهڙي چڪلتا. ان من کي قبو ڪريو گروءَ جي ڪمل چرڻن ۾. من کي وڪڻو گروءَ جي چرڻن ۾. سچي آزادي اُتوايڪاگرتا. سچي آزادي اُتو گروءَ ۾ لولين ٿيڻ، گروءَ ۾ گم ٿيڻ. دنيا جي گهر ۾ نه گهڙو. گومڪ ٿيو، سچي آزادي پايو، پنهنجو مانڪ جنم سڦل ڪريو!

جنهن جي هردي ۾ فقط هڪ نواس ڪري ٿو، اهو چوندو:- "هڪ پريو تونهين آهين! منهنجو سڀ ڪجهه تون، منهنجي دنيا تون، منهنجو خزانو تون، منهنجي سمپدي تون، منهنجو سک ساگر تون." جنهن جي هردي جي اندر اها يادگيري آهي، سو ڀڳت آهي. "ڀڳت" جيڪڏهن سنسار جي ڪشٽ ۾ آيو ته به چوندو:- "واهه واهه." تڪليف آهي، مشڪلات آهي ته مبارڪ، ڇو ته سچي ڀڳت جي اندر فقط هڪ خزاني جي پياس آهي، سو خزانو آهي "پريو."

(٢) جنهن جي اندر پريو آهي، اُن جي ٻي نشاني ڪهڙي؟

"سچ ڪرڻي، سچ تاڪي رهت،
سچ هردي، ستِ مک ڪهت."

اهو سچو سچ جي ساکي ڏئي ٿو. ڪوڙ ۾ نه ڪرندو. ڪيترو به ملندو ڪيس، ته به ڪوڙ نه ڳالهائيندو. خوشامد ڪرڻ ڪوڙ جو هڪ نمونو آهي. ڪنهن ماڻهوءَ وٽان هيڪي ١٠ هزار ملن، ٢٥ هزار ملن، لک جا، پر ڀڳت چوي:- "مان ان کي لت هڻندس. ڪوڙ جو پئسو پدارٿ مون کي نه کپي. ڀل مان سچ ۾ رهان."

اهو سچو سچ ۾ رهي ٿو، سچ چوندو. اُن جي

"ڀڳت ڀڳت سُڻيئي ٽهَ لوءِ."

"ٽهَ لوءِ" معنيٰ "ٽي لوڪ". ٽي لوڪ آهن:-

(١) هي لوڪ. هت اوهين اچو ٿا ۽ ڪٿن لاءِ ڀٽڪو پيا! هت اچي واسو ۾ وهو ٿا.

(٢) ٻيو لوڪ آهي ديون جو لوڪ. اُن ۾ اوهين ديوتا ٿي نواس ڪريو ٿا. پر اهو لوڪ به مڪتيءَ کان هيٺ آهي.

(٣) ٽيون لوڪ آهي وچون لوڪ. اُن وچين لوڪ ۾ روح اٿو. ڪي ڪي آهن جي روحن سان ڳفتگو ڪندا. اهي روح ان وچين لوڪ جا اٿو. روحن سان ڳفتگو ٿي سگهي ٿي. پر سنتن جي سکيا آهي ته اوهين اُن ۾ پنهنجو وقت نه وڃايو؛ اوهين پنهنجو وقت بهتر اموني ۾ خرچ ڪريو: پنهنجو ناتو پرڀوءَ سان رکو. (١) هن لوڪ ۾ منش جانور، وڻ ٻوٽي آهن. (٢) ديو لوڪ ۾ ديوتائون آهن؛ ۽ (٣) وچين لوڪ ۾ آهن روح، جي اڃا "اپڪاڳرتا" ۾ نه آيا آهن.

ٽن سين کان مٿي ڪير آهي؟ اُن کي گروجن چون ٿا:- "ڀڳت." گروجن چون ٿا:- "ڀڳت ٽيو!"

"ڀڳت ڀڳت سڻيئي ٽه لوءِ."

ٽنهي لوڪن ۾ ڀڳت ڪنهن کي ٿا ڪوٺين؟

"جاڪي هردي ايڪو هوءِ."

کانسواءِ سڀ ڪجهه ڪوڙ." ڪو ماڻهو آهي جنهنکي ڌن دولت آهي، ٻر ٻاروهه کي وساري ٿو، انهو ڌن دولت ڪوڙ. ٻيو ماڻهو آهي انکي ڌن دولت آهي ٻر ڪيس ٻاروهه لاءِ پيار آهي، انهو ڌن دولت ۾ سچ آهي.

لنهنڪري ٽين نشاني ڀڳت جي آهي ته ٻاٻو سچ آهي، اُن سچ کي پڪڙيو.

اُن کان پڇيو:- "ٻاٻو سچ ڇو آهي؟"

چوندو:- "ڇو ته ٻاٻوئي آهي اڪ ڳڻيه وسيو؛ ٻيو سڀ ڪجهه انتيه."

مان واس اڪ گهر؛ مون کي ڪوٺ ڪياٿون. ڪٿن ته اُن گهر واڇارو هڪ ڀاءُ اُتي ڪال ۾ ليٽيو پيو هو. سڀاڙو اُتيه، ٻيو پدارٿ اُتيه. ٻاٻوءَ کان سواءِ ٻيو سڀ ڪجهه ڪوڙ. لنهنڪري سچي ڀڳت جي سکيا آهي ته "سچو سنسار ٻاٻوءَ بنان ڪوڙ آهي. هينئر ڪماو! پياري، ٻه هي گهڙي ٻه هي ويلا." اِهو پيارو ستسنگي ڪٿن ته ستسنگ ۾ ايندو هو. آسيس ڏيندو هو، آسيس وٺي ويندو هو. ستسنگي سکيو ته ڪٿن دان ڪجي. مونکي موڪليائين هڪ ڀاءُ جي معرفت ٤ سو رپيا. ٻر چوائي موڪليائين "ڪنهن سان ڳالهه نه ڪجه". اَڄ مان توهان کي ٻڌيو ڏيانٿو. ڏسو سندر ڀاوهن پياري جي زندگيءَ ۾. هن

هوندي ۾ سچ، اُن جي مکيه ۾ به سچ. توهان کي پسند
هجي يا نه پر سچو چوندو. نقصان کيس ٿئي يا فائدو
پر سچو چوندو.

" ساچي درشت، ساچا آڪار."

اُنجي درشٽي سچي. سچي درشٽي ڪهڙي آهي؟
سڄڻ کي پيار ڏيندو، دشمنن کي پيار ڏيندو، پراوَن
کي پيار ڏيندو. پر هنجي درشٽي نرمل آهي. هنجي
درشٽيءَ ۾ اَپوترتا اپندي ڪانه. "آڪار" معني
"روپ". اُن جون تماميون اکيون. هنجو منهن پيو
ٻالهائيندو. هنجي ڳل ڏسندا ته چوندا:- "هي
سچو انسان آهي." پڳمت آهي سو، جنهنکي ڏسو،
چئو ته سچو آهي.

" سچ ورلي، ساچا پاسار."

سچ جي ورلي اُنجي آهي. هو چوندو:- "پيارا
مولڪان ڪوڙ نه پڇندو. مان سچ جي وهنوار ۾
رهندس." پڳمت تڪي پڻ نڪ جاڳي، تڪي رنگ،
تڪي تجوبزون سندس منهن ۾ لهارپو. چوندا:- "هي
ته بالڪ آهي."

" پار پرهم جن سچ ڪر جاتا."

اُن ڪان پڇيو:- " پيارا! سچ ڇا آهي؟"
پڳمت چوندو:- " اِڪ پراو سچو آهي. اِڪ پراوءِ

[١٥]

اَنت ڪال ۾

”رکن لياءِ، ڪوڙين سنگ رهي“

[اَشٽپدي ٤ : پوڙي ٤]

گرو جن ديا درشٽي اَسان تي رکن ٿا. رحم ۾ اَسان کي هي اکر چوڻا. سائين آهي رحم وارو. اَهو شاستر، جو ۽ مونکي پيارو آهي، قرآن شريف ـــ اُن ۾ ۽ ساڳيو ويچار اَچي ٿو. قرآن شريف جي شروعاتي شلوڪ ۾ اکر اَچن ٿا ڪهڙا؟ ”پرماتما کي نالو ڏنل آهي ”الله“ ۽ اُن پاڻ وڏيڪ چيل آهي ”اَلرحمان.“ پرماتما، الله ڪير آهي؟ الرحمان، رحم وارو آهي. رحم جي نظر سان نهاري ٿو. ۽ هن وچن ۾ رحم وارو سائين اَسان کي ڇا ٿو چوي؟ اَسين وچالل آهيون، وسريل ۾ آهيون ايڪ: ٿر پنهنجي ناڪر جو رحم ڏنا وچاليون. رحم وارو چوڻو :- ”پيارا! تو ڇا ڪيو

پاڻ سمجهيو ته پرلوڪ کانسواءِ سڀ ڪجهه آهي ڪوڙ.
تنهنڪري ڪمايو هيئنر ڪمايو. وري وري اکين ۾ آب آڻيو.
ستسنگ ۾ اچو، ڪمايو، هيئنر ڪمايو ڇو ته ڪال
اچيتو. هڪ هڪ جي ڪنڌ تي ڪال آهي. هيئنر
ڪمايو نه ته پوءِ پڇتائيندا.

هڪ درويش جا اکر پڙهو:-

"جب کلي تي بزار، تب سودا نه ڪيتوئي."
اَڙي مورک! تو سودو ڪيو ڪين. سنتن پڪاريو:-
"اَچو، اَچي اَسان سان سودو ڪريو." اَڙي مورک!
تو سودو ڪيو ڪين. اَنت ڪال آيو: تو اَچي رنو.
پر هيئنر روئي ڇا ڪندين؟ جڏهن دڪان کليو هو
تون ڪين آئين: هيئنر دڪان بند. اَڙي مورک! هيئنر
ويٺو هٿڙا هڻين! هيئنر ئي سڄاڳ ٿيءُ، جڏهن سنتن
جو دڪان کليل آهي، اَچي سودو ڪر، پنهنجو مانکه
جنم سڦل ڪر!

"اَب هوءِ ڪئي هت نار، تو سودا ياد پوئي."
۽ تو ياد ڪرين ته "اَڙي! مون ته اَنتڪال سودو ڪيو
ڪين. مان دڪان تي واس ڪين. مون وکر ڪين
ورتو." ۽ ائين ياد ڪري اَنتڪال ۾ پيو روئين تون!

هل توهين، پياري پانڪو! نه رنو! سنتن کولي
هٽي وچ بزار! ستسنگ ۾ اَچو! سنتن جي دڪان تي
اچو، اچي سودو ڪريو ۽ پنهنجو مانکه جنم سڦل ڪريو!

اسين آمريڪا جي نيويارڪ شهر ۾ پهچون ٿا. اوچتو ئي اوچتو طوفان لڳي ٿو. ماڻهو چون ٿا:- "انت ڪال آيو." جهاز جو ڪپتان چوي ٿو:- "جهاز ٻڏي ٿو: ننڍڪڙي ٻيڙي (life saving boat) پاڻيءَ ۾ لاهيون ٿا: پر ان ٻيڙيءَ ۾ سڀ چڙهي نه سگهندا. صورتيءَ ۾ جن جا نالا اچن. سي ٻيڙيءَ ۾ چڙهن، انت ڪال! انت ڪال! تيار ٿيو."

هيئنر ماڻهو، جن جا نالا صورتيءَ ۾ اچن ٿا، سي ٻيڙيءَ ۾ چڙهن ٿا. باقي پاڻ ٻئي، استريون، ڇوڪريون، ڇوڪرا، ننڍڙا ٻالڪ ٻالڪيون، ٻڍا جوان روئن ٿا. انت ڪال آيو. جهاز ٻڏي ٿو.

انهن ۾ هڪ ماڻهو آهي. ان کي سون آهي. ٽن لکن کان به وڌيڪ سون اٿس. چوي ٿو:- "مان ڪٿان پنهنجو سر بچايان؟" هڪ ماڻهوءَ وٽ وڃي ٿو، جنهن جو نالو صورتيءَ ۾ آيو هو: چويس ٿو:- "پيارا! هي ٽي لک وٺ. پنهنجا ٻچا ان کي موڪل. پر ٻيڙيءَ ۾ جڳهه، جا پنهنجي لاءِ آهي، سا مون کي ڏي."

ماڻهو چويس ٿو:- "چريو ٿيو آهين ڪٿين؟ تون ڇا ٿو سمجهين؟ انت ڪال ۾ پنهنجا ٽي لک ڌوڙ."

وري ٻئي وٽ وڃي ٿو، ٽئين وٽ، چوٿين وٽ وڃي ٿو: سڀ چون ٿا:- "اڙي مورک! اسين پنهنجا

آهي؟ رتن تو ڇڏيو آهي ۽ وڃي ڇا کي تو ٻڪڙيو اُٿئي؟"

" رتن ليکي ڪوڙي سنگ رچي "

رتن کي ڇڏي پيارا! تون وڃي ڪوڙيءَ جي سنگ ۾ اَڙيو آهين! اِهو رتن ڇا آهي؟ اِها ڪوڙي ڇا آهي؟ ۽ مونکي ياد اُچڻا مٺرا ڇا اکر:- " رام رتن مڻ پايو:" مونکي مليو آهي رام رتن. اَسان نه اَفسوس! رام رتن ڦٽو ڪيو آهي، سائين رام رتن جو خزانو وَر وَر ڏني تو؛ پر روز روز اَسين اِهو خزانو ڦٽو ڪريون ٿا.

رام رتن ڦٽو ڪري اَسين ڇا جي پٺيان آهيون؟ ڪُوڙي ڌن پٺيان، مايا جي پٺيان، سنسار جي پٺيان. ڪوڏي ڪوڏي ڪٺي ڪري اَسين پئسا جمع ڪريون ٿا. چئي:- " اَسين لکاپتي آهيون." ڪوڏي ڪوڏي ڪٺي ڪري اَسين پاڻ کي ساهوڪار سڏايون ٿا. گروجن چون ٿا:- " مُورک! سچي ساهوڪاري نه اُٿئي رام رتن ۾." اِهي ڪوڏيون ڪنهن نه ڪم جون اُٿيئي. تڪليف ۾ اپدائن، ڪجهه نه ڪم جو ڪين اُٿئي. پر سچو ڌن، رام رتن اُٿيئي نام. اُن نام کي ڇڏي، افسوس! تو ٻڪڙيو آهي سنسار جي ڌن کي. جهاز ۾ وجهي پيا ڪيترا. ڏاڍيءَ خوشيءَ ۾ نـــ

[١٦]

ڏام الکم مان !

سگل ٿان تي اوهه اوتم ٿان،
نانڪ جهه گهٽ، وسيءِ هرنام!

[اشٽپدي ٣ : پؤڙي ٨]

هڪ فقير، شاه حسين جنهن کي لوڪ چوندا هئا، - هو پاڻ چوندو هو ته مان آهيان "حسين فقير نماڻو." باڻيءَ ۾ هن پياري ڇا چيو آسان کي؟
"واک ته مهڏي اوگڻ ستگر."

منهنجا ستگر سائين! اوگڻ منهنجا نه ڳڻس ڪون. هل اسين پنهنجا اوگڻ، پنهنجون خطائون ٻڌائون. ستگر سائين! آسان جا ڏوه نه ڳڻس ڪون: ساگر مان آسانکي ڪون ٽار ٽار. آسان جو ٺاڪر آسانکي ٽاريندو، ضرور ٽاريندو. هو ڪئن ٽاريندو؟

شري سکمڻي صاحب مان جو مون وچن ورتو، سو

لڪ وٽي ڇا ڪراون؟ لڪندا لڪ ڏوڙ آهن."

ويچارو روئي ٿو ڏاڍو. جهاز ٻڏي ٿو: ٻه هي ٽن لڪن وارو انسان روئي ٿو. روئندو رڙندو ٻڏي ويندو. گروجن چوڻيءَ:- "پيارا! هي لڪندا لڪ انت ڪال وقت اٿيءَ ڏوڙ، سڀ ڪوڙ."

صورتيءَ ۾ ڪن ٿورن ماڻهن جا نالا آيا. انهن مان هڪ نيويارڪ ۾ پهتو ۽ ذڪر ڪيائين. چيائين:- "مون وٽ ٻه آبهوڻ ماڻهو. مون کي ٻه چيائين. مون ڪيس چيو:- 'مان پنهنجي حيالي نه ڇڏيان: انت ڪال ۾ سڀ ڏوڙ.'" هن ماڻهو وڏيءَ چيو:- "جي نه سچو جهاز سون سان پورل هجي ها نه ته مان پنهنجي حيالي نه ڇڏيان ها. انت ڪال ۾ سڀ ڪجهه ڏوڙ."

پياري ٻالڪو! سنسار جو ڌن اٿو ڏوڙ. سچو ڌن اٿو نام. نام وٺن، رام وٺن شل ٻالڪو، پنهنجو مالڪ جنم سڦل ڪراو!

چنڊ ۾ ته چمڪي محبوب منهنجو! آسمان ته اڪ ٻڙوءَ جو مڪان : ٽيرا مڪان واه واه !

وچو : وڃي ندي يا درياه ڏسو : ڪٿي نه نديءَ، درياه جي ڪناري تي ويهي مون وري پنهنجي محبوب کي نهاريو آهي ۽ ڳوڙها ڳاڙيا اٿم. درياه، ندي ته منهنجي محبوب جو مڪان : ٽيرا مڪان واه واه!

هن سنسار ۾ ڪيترا نه آستان آهن. اڪ اڪ آستان ۾ چمڪي پيو منهن جو سنگو سائين! صوفي فقير چيو آهي :-

"مندر مڙاوئي مورت،
مورت جي صورت ته تون."

مندرن ۾، ٺڪاڻن ۾، ديولين ۾، ڌرمي آستانن ۾ به تون پيو چمڪين، منهنجا صاحب! تيرا مڪان واه واه!

پر سڀن ۾ اتم آستان ڪهڙو؟ گروجن ان سوال جو جواب ڏنو آ :-

"سگل ٿان تي اوهه اتم ٿان،
نانڪ جهه گهٽ وسيءَ هر نام."

اهو مڪان اٿو دل، هردو. گروجن چوندا :-
"گهٽ." گهٽ = هردو، دل. پر ڪهڙي دل؟
ڪا دل آهي، جنهن ۾ وڪار آهن، ڪا دل آهه جنهن ۾

وچن کهڙو نہ سندر، ان ۾ کهڙو نہ سندر جواب گروجن ڏنيا، جو تہ گروجن پاڻ بہ فقير هئا. هري سکمڻي صاحب اِڪ فقير جو هاسترو آهي. هڪ انگريز ليکڪ لکيو آهي تہ "گروجن فقيري ڇڏي وڃي پيا اميريءَ ۾." نہ پياري پالڪو! تون ٿائين هن پياري جي دل اندر هو فقيري ڀاو. تون ٿائين، پهاڙيءَ ٿائين جڏهن ٽِل ٿي لي هن پياري کي ڏوريءَ وهارياءون، پاه هيٺان ۾ گوم واري ٽنگن لگن ٿي وڌائون، اُن وقت بہ، پهاڙيءَ جي دم ۾، پهاڙيءَ جي سواس ۾ هن پياري محبوب، آسانجي فقير جي ساکي ڏني. هن پياري چيو وري :-

"ٽيرا ڀاڻا ميٺا لاڳي."

پيارو! جيکي تون کرانِ سو منو! متان چئو کڏهن تہ گرو ارجن ديو جن فقيري ڇڏي. تون ٿائين هي پرتم آسانجو دل جي اندر رهيو فقير ٿي.

"سگل ٿان ٿي اُوهہ اوتم ٿان،
ناڪ جهہ گهٽ وسي هر نام."

ٿان کيترا، مکان کيترا جن ۾ پيو موهن مهکي. ٽيرا مکان واه واه، مدهجا ٺاڪر! جت وسين تون تهن تون.

آسمان ۾ تهاريو. آسمان ۾ تارا: تن تارن ۾، تهن

ي. سٺو! سٺو!

« نج ڌام اوهانجو، ڦرو نہ مٿرا نہ ڪاشي.»

پياسي آهيو جو نہ نج ڌام ۾ اوهين نواس ڪرڻ چاهيو. ۽ اهو نج ڌام، سک ڌام نہ مٿرا ۾ آئو، ڪاشيءَ ۾.

« اُت جاڳي جاڳي جوت اُبناسي،
اُن ڌام آهيون سڀ نام نواسي.»

اُوهانجي نج ڌام ۾، منهنجي نج ڌام ۾، جنهن لاءِ هين پياسي آهيون، اُت اِڪ جوت پئي چمڪي! هين اڳيئي اُنهيءَ ڌام جا نواسي آهيو. اُن ڌام ۾ و ٿا، اُت رهيا پئي، ۽ پوءِ الائي ڇا ٿيو جو هين لهي هيٺ سنسار ۾ آيا. ۽ توهين آهيو نام اسي!

اها يادگيري ڪُل اوهين ڪوليو، جا اوهان وساري ڏي آهي. آيا آهيون اُتان، اُن ديس مان، جت وت جڳي ابناسي. پنهنجا پردا پري ڪريو، پنهنجي سو هٽايو ۽ هن نرمل وچن جو ٿورو وچار ڪريو:-

« سگل ٿان ٿي اُوهہ اولہ ٿان.
نانڪ جه گهٽ وسي هر نام.»

پاپ آهي، ڪا دل اوڙاهه ۾ آهي، ڪنهن دل ۾ گناهن جا ويچار، سنسار جا واپار. افسوس! اِها دل شيطان جي آهي. پر منهنجي پرِتم، منهنجي محبوب جي دل ٻي آهي، جنهن دل ۾ وسي ٿو هري نام! اها دل آهي سچن ۾ سندر مڪان.

هيرا جواهر، تن سان لوهين جڙيو ٿا سنساري ڪيترا مڪان، پر انهن سڀني مڪانن کان مٿي آهي اهو هڪ مڪان، محلاتن کان به مٿي آهي اهو مڪان، اها دل جنهن ۾ وسي ٿو هري نام.

جنهن انسان جي اندر نام آهي، اُن جي اڳيان مان سر ٿو جهڪايان. غريب آهي ڇا، مسڪين آهي ڇا، دردر آهي ڇا، اڻپڙهيل آهي ڇا؛ اُن جو ويچار ڇو ڪريو؟ جي اُن دل جي اندر نام جو واسو آهي، ته اهو منهنجو پوڄيه، منهنجو پيارو، منهنجو پرِتم، محبوب؛ اُن محبوب دل اڳيان مان سر ٿو جهڪايان! سچو تيرٿ آستان آهي اها دل، سچن ۾ شاهوڪار آهي سا دل، سچن ۾ سائينءَ جي در قبول آهي اها دل، جنهن دل وسي هري نام!

اِهي وچن جڏهن مون پڙهيا پنهنجي ڪوٺيءَ ۾، تڏهن منهنجي دل جي اندر پيا اکر آيا، سي لکيم:-

"سڻو، اي لوڪو! آهيو پياسي."

پياس آهي نه رڳو مونکي، پر توهانکي به پياس

ـوس! جي اسين معافي نه ڏينداسين ته ٻيو معافي ڪير
ڻندو؟ شوي اپڏا چيو:- "ٻيوءَ کي ٻارڌا ڪريو، ڌهڪان
ڻي، جن وهانجا اپراڌ ڪيا آهن، انهنجا اپراڌ معاف ڪريو."

هڪ ماتا، سندس ننڍڙو ٻالڪ. هي ننڍڙو ٻالڪ
ايو ماتا کي هلاڪ تو ڪري. ماتا وٽني آهي رنڊڻي
. ڏيکڙو چاڙهيو اٿس. ٻالڪ کي چوٽي:- "کيچل
ڪر. مان ڪم ۾ آهيان، موکي نه ستجهاء." ٻر
الڪ ننڍڙو ڪٿي تو سمجهي؟ وڃي کيچل ڪندو. ماتا
چي تي مڃهي، ڪاوڙ ۾ ٻرجي چواس ٿي:- "سائس
ڪر." ٻر ٻالڪ ڪٿي تو مانڊ ڪري؟ ٻوءِ ماتا ٻالڪ
ي ڪاوڙ ۾ ٻرجي آگ ۾ اڇلائي ٿي. ٻوءِ خبر ٻواس
ي نه "مون چا ڪيو؟" ڪاوڙ ۾ جو اٿو سو هوش
چائي تو. اهو پيارو اٿو اولاد ۾. ٻوءِ ڪدم ٻالڪ
ي ٻاه مان ڪڍٽي. ٻيوءَ جي ڏيا سان ٻالڪ ٻچي
و. ٻر هن ماتا ڪهڙو ڪم ڪيو؟

هڪ شهر ۾ مان رهندس هڪ گهر ۾. ان گهر جي
رسان هڪ ٻئي ماڻهوءَ جو گهر هو. هي ماڻهو، هڪڪي
وگي نوڪري سرڪار وٽ، هڪ ڏينهن چا تو ٻڌان؟
ڪاوڙ ۾ ٻرجي هي عملدار وٽنو زال کي ماري. اءِ مورک!
ون سمجهين ٽٿو ته ڌهڻجي ٻرڪس جو ٻڌياد آهي
هڻجي استري: انکي تون وٽنو مارين! واهاري هوءِ
استري ٻٽي گوڙها ڳاڙي ۽ وٽني ٻٽيءَ کي آسيس ڏني.
(٣) نين گرمي آهي لوپ. لوپ ۾ اڇي ماڻهو

[١٧]
سڌل جل

ڪَل ٿالي ٿاليا هرَ ٿاءُ،
سِمو سِمرِ سدا سڪ پاءُ.

[اَهُڊپدي ١٩ : ٻؤڙي ٣]

هي ٻگ آهي ڪلجُگ. هن ڪلجُگ جي زماني جي خاصيت، ڳجهارت ڪهڙي آهي؟ گروجن هڪ اَکر ۾ ڪلجُگ (Modern Civilization)، هن زماني جي سڀيتا جي نشاني ٻڌائين ٿا. هن ڪلجُگ جي نشاني آهي "ٿالي". ٿل آهي. ٿل ڪهن آهي؟ ڪهڙي گرمي آهي؟

(١) هن زماني ۾ ٻهرين ڪام جي گرمي آهي. نرمل، ٻوٽر آدمي ڪٿي آهن؟ ڳوليون ٿا، ملن ٿا. نرمل شڌ جيڏي جيون ۽ جيون ڪان وڏيڪ جيڏو اندر ٻوٽر. نرمل ٻ- اهڙا انسان ڪٿي آهن؟ جيڪر سمنڊ لٽاڙي وڃون، جيڪر جبل جهاڳي وڃي اهڙن ڪن ٻيارن کي ملون جن جو اندر آهي صاف، پاڪ!

(٢) ٻي گرمي آهي ڪروڌ. ڪيڏو نه ڪرڌ هن زماني ۾ وڌي ويو آهي. ڪنهن ٻال يا ڇوڪ ڪٿي، اَسين معافي ڏيڻ لاءِ تيار ڪين آهيون. ڪو ٻاءُ اچي چوي ٿو:- "معاف ڪر." اَسين معافي ڏيڻ لاءِ تيار ڪين آهيون، ڇو ته هي زمانو ڪروڌ جي گرميءَ ۾ تل آهي.

سنتن جي جيون چرترن تي دادا واسواڻيءَ جا ڪتاب

شري جپ صاحب اَرٿ سان ٩٠٠ صفحا	٣٠-٠٠
چمن مالا [گرو نانڪ ديو جن جو جيون چرتر]	٢٠-٠٠
گلن جي مالها	٢ رپيا
هولي‌ءَ جو آواز	٥٠ پئسا
گيتا سکيا ۽ سار [ڀاڱي ١ کان ٢٧ ڏائين] هرهڪ	٥٠ پئسا
نوجوان جو نياپو	هڪ رپيو
صاحب ڪبير جي ساکي [ڀاڱي ١ کان ٥ ۽ ٧ کان ١٦] هرهڪ	٥٠ پئسا
صاحب ڪبير جي ساکي [ڀاڱو ٦، ١٧ ۽ ١٨] هرهڪ	هڪ رپيو
پي ٻنا جي باغ ۾	١٠ رپيا
شهيدن جو سرتاج: گرو اَرجن ديو	٥٠ پئسا
رشين جو آواز	٥٠ پئسا
سرپادا پرشوتم شري رام	٥٠ پئسا
ڀڳتي ڇا آهي؟ [ڀاڱو ١ کان ٥ ڏائين] هرهڪ	٥٠ پئسا
جيون ياترا [١، ٣، ٥، ٦ ۽ ٧] هرهڪ	هڪ رپيو
جيون ياترا [٢، ٤، ۽ ٨] هرهڪ	٥٠ پئسا
نوريءَ ونجهي سانت ۾	هڪ رپيو
نوريءَ سان گفتگو [ڀاڱو ١، ٢ ۽ ٣] هرهڪ	هڪ رپيو
روحاني زندگي	٤ رپيا

پستڪن جي لسٽ ۽ پي لکپڙه لاءِ لکو:-

Manager , Sant Mala,
10 Sadhu Vaswani Path,
Poona - 411001

ڇا ٿيو ڪري؟ هڪ ڀٽ کي ٻي ڏينهن ٢٥ هزارن جي ملڪيت ملي آهي. ٢٥ هزار ڪهڙي شيءِ آهي؟ پر هن ڀٽ کي ٢٥ هزارن جو لوڀ اهڙو ٿيو جو هن هوش وڃائي ڇڏيو. ويچارو پيءُ بيمار ٿي پيو. ڀٽ چوي ٿو ته:- "جيڪر پيءُ جلد مري." پيءُ ٻڌو ڊڄي؛ چوي ته:- "هوشيار ڊاڪٽر گهرايو." پر هي ڀٽ ٽارائي ويٺو. ويچارو پيءُ روئندو هليو ويو: ڀٽ چيو ته:- "چڱو ٿيو جو پيءُ مري ويو." سندس دل اندر هو لوڀ. لوڀ ۾ آهي گومي، جنهن گومي ۾ سنسار ٻڏو پيو آهي.

(٤) ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ سڀ کان وڏو ڪ گومي آهي اهنڪار جي، ايمان جي. مان وڏو، تون ننڍو؛ ايمان ۾ آهي ويچارن ڪٿن ته ڪن جو ڪل ٿيو آهي. توهين هي، ويچار ٿل دلين اندر رکو ته:- "ڪلجگ ڪل آهي. ان ڪل گهر ڪلجگ ۾ پاڻي کهي. پاڻي پيئارڻ." هڪ ڏينهن مان واو هوس ڪڍائين. مان جڏهن مونس، مون چيو ته:- "پاڻي، مونکي ٿڌو پاڻي ڏيو." گروجن چوڻ ته:- "هڪ ٿڌو پاڻي آڻيو سو پيئو، سو پيئارڻ! 'نانڪا هر ناءِ'." سيتل پاڻي، ٿڌو پاڻي آڻيو هريءَ جو نام. ٿڌو نام جو جل پيئو، پيئارڻ چو ته ڪلجگ ڪل آهي. هن ڪل زماني ۾ ٿڌو پاڻي نام جو پيئو، پيئارڻ ۽ پنهنجو مالڪ جنم سڦل ڪريو!

DECLARATION UNDER PRESS ACT
FORM IV
SANTMALA

lace of Publication :	Poona
'erlodicity of its 'ublication:	Monthly
'rinter's Name :	Shri Pritam H. Shahani
Nationality :	Indian
Address :	Hukum Press, 80, M. G. Road, Poona-1.
'ublisher's Name :	Shri Gangaram Sajandas
Nationality :	Indian
Address ;	10, Sadhu Vaswani Parh, Poona–1,
ditor's Name,	A. M. Vaswani
Nationality :	Indian
Address :	10, Sadhu Vaswani Path. Poona-1.
Name and Address of individuals holding nore than one percent f the Capital :	A. M. Vaswani 10, Sadhu Vaswani Path. Poona-1.

A. M. Vaswani, hereby declare that the particulars above for the year ending 31-12-84 are true to est of my knowledge and belief.

Sd. A. M. Vaswani
Signature of Editor

· 28th Feb. 1985

---

ed by Shri Pritam H. Shahani at HUKUM PRESS,
) M. G. Road, Poona-1. (Phone : 66028) and
and Published by Shri Gangaram Sajandas,
ira Nagar, 10. Sadhu Vaswani Path, Poona - 1
or A. M. Vaswani (Phone : 65073 and 64174